هفتيوار رسالو

امير اهل سُنت جو 38 سال پراڻو بيان

# چار برائيون




شيخ طريقت، امير اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: چار بُرائيون

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

بـانيِ دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ و مولانـا محمـد اليـاس عطـار قـادري

# چار بُرائيون

**پيشڪش**

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ** (دعوت اسلامي)

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**


**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

# چار بُرائيون

## دعاءِ عطار

اي الله پاڪ! جيڪو بہ هي رسالو ”**چار برائيون**“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي تمام برائين ۽ موذي بيمارين کان محفوظ فرمائي، ڪيس والدين ۽ خاندان سميت بغير حساب جي بخشش فرماءِ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## دُرُود شريف جي فضيلت

هڪ بزرگ جهنگل ۾ سفر ڪري رهيو هو تہ رات ٿي وئي، هر طرف خوفناڪ جانورَ گهمي رهيا هئا، ڪيس خوف محسوس ٿيو تہ اوچتو هي حديثِ پاڪ ياد آيس: ”جيڪو هڪ ڀيرو درود شريف پڙهندو آهي، الله پاڪ ان تي ڏهہ رحمتون نازل فرمائيندو آهي. (مسلم،حديث912، ص172) انهن درود شريف پڙهيو ۽ هڪ هنڌ سمهي پيا، سڄي رات سڪون سان گذاريائون ۽ ڪوبہ جانور ڪيس ويجهو بہ نہ ويو. پوءِ (ان حديث بابت) انهن فرمايو: مون ان ڪري درود شريف پڙهيو هو، جو تہ هڪ ڀيرو درود پڙهڻ واري تي الله پاڪ جون ڏهہ رحمتون نازل ٿينديون آهن، ۽ جڏهن مون کي الله پاڪ جي ڏهن رحمتن گهيري

ورتو، تہ پوءِ ڪنهن جهنگلي جانور جي ڪهڙي مجال جو هو منهنجي طرف اک کڻي بہ ڏسي! (سعادة الدارين، ص152ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اهو سڀ ايمان جي مضبوطي تي دارومدار هوندو آهي. توهان ان بزرگ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي ايمان جي مضبوطي ملاحظہ فرمائي، جڏهن تہ اسان جي حالت اها آهي جو اسان الحمدللّٰہ مومن تہ آهيون پر اسان جي توجہ ظاهري سببن ڏانهن وڌيڪ هوندي آهي. اللّٰہ پاڪ اسان جو ايمان بہ پختو فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## چار پکيءَ خدا جي قدرت:

حضرت ابراهيم خليل اللّٰہ عَلَیْہِ السَّلَام سمنڊ جي ڪناري هڪ لاش ڏٺو. صورتحال هي هئي جو جڏهن پاڻي ايندو هو تہ مڇيون اچي ان لاش کي کائينديون هيون، جڏهن پاڻي گهٽبو هو تہ جانور ان لاش کي کائيندا هئا ۽ جڏهن جانور کائي هليا ويندا هئا تہ پکي چهنبون هڻي کائيندا هئا. اهو منظر ڏسي حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام اللّٰہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: اي اللّٰہ! بيشڪ تون قادر آهين ۽ مونکي يقين آهي تہ تون مرڻ کان پوءِ بيهر زنده فرمائيندين، پر مونکي تجسس ٿي رهيو آهي تہ ڪاش! مان اهو منظر پنهنجي اکين سان ڏسي سگهان تہ تون قيامت جي ڏينهن ان انسان کي ڪيئن گڏ ڪندين، جنهن جي جسم جا ڪجهہ حصا مڇين جي پيٽ ۾، ڪجهہ درندن جي

پيٽ ۾ ۽ ڪجهه پکين جي اوجهرين ۾ هليا ويا. الله پاڪ حڪم ڏنو: اي ابراهيم! تون چار پکي ڏارِ ۽ انهن کي خوب مانوس ڪر (هيراءِ)، جڏهن اهي چڱي طرح مانوس ٿي وڃن تہ انهن کي ذبح ڪر، ذبح ڪرڻ کان پوءِ انهن جا مٿا (منڍيون) پاڻ وٽ رکي چڏ ۽ گوشت جو قيمو بڻائي ان کي اِردگرد جي مختلف جبلن تي ٿورو ٿورو رکي اچ ۽ انهن کي سڏ ڪر، پوءِ اسان توکي پنهنجي قدرت جو ڪرشمو ڏيکاريندا سين.

حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام الله جي حڪم سان چار پکي: مور، ڪڪڙ، ڪبوتر ۽ ڳجهہ پاليو. جڏهن اهي چڱي طرح مانوس ٿي ويا تہ پاڻ انهن چئن کي ذبح ڪري منڍيون پاڻ وٽ رکي ورتيون ۽ گوشت جو قيمو ڪرڻ کان پوءِ مختلف جبلن تي ٿورو ٿورو رکي آيا. ان کان پوءِ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام انهن کي پڪاريو تہ الله جي حڪم سان منهنجي ويجهو اچو، سندن پڪارڻ سان ئي چئني پکين جو قيمو گڏ ٿيڻ لڳو، هڏيون هڪبِئي سان جڙڻ لڳيون ۽ ڏسندي ئي ڏسندي چارئي پکي تيار ٿي ويا، پوءِ اهي ڊوڙندا اچي پنهنجين منڍين سان جڙي ويا. حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن اهو روح پرور منظر ڏٺو تہ سندن دل کي اطمينان ۽ قرار حاصل ٿي ويو. (تفسير جمل،پ3،البقرة،تحت الآية:260، 329/1مفهوماً)

هن سڄي مضمون کي الله پاڪ سيپاري 3، سورة البقرة جي آيت نمبر 260 ۾ هن طرح بيان فرمايو آهي:

وَ اِذۡ قَالَ اِبۡرٰهٖمُ رَبِّ اَرِنِیۡ كَیۡفَ تُحۡیِ الۡمَوۡتٰی ؕ قَالَ اَوَ لَمۡ تُؤۡمِنۡ ؕ قَالَ بَلٰی وَ لٰكِنۡ لِّیَطۡمَئِنَّ قَلۡبِیۡ ؕ قَالَ فَخُذۡ اَرۡبَعَةً مِّنَ الطَّیۡرِ فَصُرۡهُنَّ اِلَیۡكَ ثُمَّ اجۡعَلۡ عَلٰی كُلِّ جَبَلٍ مِّنۡهُنَّ جُزۡءًا ثُمَّ ادۡعُهُنَّ یَاۡتِیۡنَكَ سَعۡیًا ؕ وَ اعۡلَمۡ اَنَّ اللّٰهَ عَزِیۡزٌ حَكِیۡمٌ ﴿۲۶۰﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جڏهن ابراهيم عرض ڪيو: اي منهنجا رب! تون مون کي ڏيکار تہ تون مُئلن کي ڪيئن جيئاريندين؟ الله فرمايو: ڇا توکي يقين ناهي؟ ابراهيم عرض ڪيو: يقين ڇونہ آهي پر اهو (چاهيان ٿو) تہ منهنجي دل کي قرار اچي وڃي، الله فرمايو: پوءِ پکين مان ڪي چار پکي پڪڙ پوءِ انهن کي پاڻ سان مانوس ڪر پوءِ انهن سڀني جو هڪ هڪ ٽڪرو هر جبل تي رکي ڇڏ پوءِ انهن کي سڏ ڪر تہ اهي تو وٽ ڊوڙندي هليا ايندا ۽ ڄاڻي ڇڏ تہ الله غالب حڪمت وارو آهي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! الله پاڪ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي پنهنجي قدرت جو ڪهڙو عظيم الشان نظارو ڏيکاريو! بيشڪ الله پاڪ جي قدرت ڪامل آهي، هو جيڪو چاهي ڪري سگهي ٿو ۽ هو هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي.

## چئن پکين ۾ چار برائيون

حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جن چئن پکين کي ذبح ڪيو، انهن چئن ئي ۾ هڪ هڪ بري عادت پاتي وڃي ٿي. مثال طور: مور: تمام حسين پکي آهي، ان جا پَرَ تمام خوبصورت آهن ۽ شايد پکين ۾ سڀ کان وڌيڪ حسين بہ اهو ئي آهي پر ان ۾ هڪ بري عادت اها آهي تہ ان

کي پنهنجي حسن ۽ جمال تي وڏو ناز هوندو آهي. الله پاڪ ان جو ناز ٽوڙڻ لاءِ ان جا پير بدصورت بڻايا، جڏهن هو موج مستيءَ ۾ اچي ناچ ڪندو آهي ۽ پاڻ کي وڏو حسين گمان ڪندو آهي، پر جيئن ئي سندس نظر پنهنجي پيرن تي پوندي آهي تہ حسن جو سڄو نشو لهي ويندو اٿس ۽ اکين مان لڙڪ لڙي پوندا اٿس. ڳجهہ: هي بلڪل بدنام پکي آهي، هي مردار کائيندو آهي ۽ ان جي بري عادت هيءَ آهي تہ ان ۾ حرص ۽ لالچ تمام گهڻي پريل هوندي آهي. ڪڪڙ: ان ۾ بري عادت اها آهي تہ ان ۾ شهوت گهڻي هوندي آهي. ڪبوتر: ان ۾ بري صفت اها آهي تہ ان کي پنهنجي بلند پروازي تي وڏو ناز هوندو آهي. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن انهن چئن پکين کي ذبح ڪيو تہ سندن دل کي قرار اچي ويو.

اڄ جيڪڏهن ڪو مسلمان انهن چئن برين عادتن کي ذبح ڪري ڇڏي، يعني جيڪڏهن ڪنهن ۾ حسن ۽ جمال آهي ۽ هو ان کي وڏيڪ نڪاري ٿو ۽ ان تي ناز ڪري ٿو تہ هو پنهنجي حُسن واري ناز کي ختم ڪري ڇڏي. جيڪڏهن ڪنهن ۾ اجايو شهوت آهي تہ ان تي ڪري وني. جيڪڏهن ڪو حرص ۽ طمع جو شڪار آهي ۽ دنيا جي دولت تي فدا آهي تہ هو دنيا جي لالچ کي دل مان ڪڍي ڇڏي. جيڪڏهن ڪنهن جي دل ۾ وڏائي يعني عهدي ۽ ڪرسيءَ جي خواهش آهي تہ اها ختم ڪري ڇڏي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جي دل کي بہ قرار حاصل ٿي ويندو ۽ دل نور ۽ معرفت سان پرجي ويندي. (تفسير جمل،پ3،البقرة،تحت الآية: 260، 329/1مفهوماً)

بدقسمتيءَ سان هاڻي اهي چارئي عادتون عام ٿي چڪيون آهن. جيڪڏهن ڪنهن ۾ حسن و جمال آهي تہ هو سامهون واري کي منهن نٿو لائي، پنهنجي پاڻ کي وڏو حسين ۽ جميل سمجهي خوب آڪڙجي هلي ٿو. اهڙن ماڻهن کي سمجهائڻ لاءِ بزرگن جا تمام پيارا واقعا ملن ٿا، اچو تہ ان سلسلي ۾ هڪ نصيحت آميز واقعو پڙهون:

## آڪڙجي هلڻ واري کي نصيحت

حضرت امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل فرمائن ٿا: حضرت طاؤس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ شخص کي آڪڙجي هلندي ڏسي فرمايو: اها چال ان شخص جي ناهي جيڪو اهو ڄاڻندو هجي تہ سندس پيٽ ۾ ڇا آهي (يعني ان جي پيٽ ۾ پاخانو ۽ گند پريل آهي.) (ڪيميائے سعادت، 721/2ملتقطاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڪو پنهنجي حسن و جمال تي تڪبر ڪري ٿو تہ کيس گهرجي تہ پنهنجي تخليق تي غور ڪري، ان تي واضح ٿي ويندو تہ سندس تخليق رت ۽ نطفِي مان ٿي آهي. اهڙي طرح غور و فڪر ڪرڻ سان اِنْ شَآءَ اللهُ ان جي تڪبر جهڙي بري عادت ختم ٿي ويندي. اڄڪلهہ هر ڪو پنهنجي بلند پروازي يعني منصب ۽ عهدي پٺيان ڊوڙي رهيو آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي بلند پروازي يعني ڪو وڏو عهدو يا منصب ملي وڃي تہ ان کي وڏي تڪبر اچڻ لڳندو آهي. اهڙن کي انهن ماڻهن جي انجام مان عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي جن جي هلاڪت جو سبب سندن عهدو ۽ منصب بڻيو. اچو! عهدي ۽ منصب تي تڪبر ڪندڙن جو انجام ملاحظ ڪريو، جيئن تہ

## فرعون ۽ نَمرود جو انجام

جڏهن فرعون کي عهدو مليو ته هو ڦوڪجي ويو ۽ خدائيءَ جي دعويٰ ڪري وينو، ٽي سئو سال عياشي ڪندو رهيو پر آخرڪار انجام اهو ٿيو ته هو درياءِ نيل ۾ وڏي ذلت سان ٻڏي مئو. اهڙي طرح جڏهن نُمرود کي عهدو مليو ته هو به خدا هجڻ جي دعويٰ ڪري وينو، آخرڪار ڪيس هڪ مڇر ذريعي هلاڪ ڪيو ويو. (الحديقة الندية، 549/1ملتقطاً)

## عهدو اهوئي سٺو آهي جيڪو اسلام جي محبت سان هجي

ياد رکو! عهدو اهو ئي سنو آهي جيڪو اسلام جي محبت سان هجي، جيئن اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم وٽ هو ۽ اهي ان کي دينِ اسلام جي تبليغ ۽ ماڻهن جي ڀلائي لاءِ استعمال ڪندا هئا. اهڙي طرح اسان جي بزرگن ۽ اولياءِ عظام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم وٽ به عهدو هو ۽ اهڙو عهدو جو دنيا مان پردو فرمائڻ کان پوءِ اڄ به پنهنجي عرس جي موقعي تي لکين ماڻهن کي گڏ ڪري وٺندا آهن، جڏهن ته ڪو به وڏي ۾ وڏو سياسي ليڊر ايترا ماڻهو گڏ ناهي ڪري سگهندو. اڄ به روزانو هزارين ماڻهو انهن جي مزارن تي حاضري ڏيندا آهن ۽ هاڻي به الحمدلله ماڻهن جي دلين تي انهن جي حڪومت جاري آهي. ياد رهي ته اڄڪلهه دنياوي قانون جي اعتبار کان جيڪڏهن ڪنهن کي ڪو عهدو يا منصب ملندو آهي ته اهو صرف پنجن سالن لاءِ هوندو آهي، جڏهن ته اولياءِ ڪرام جي حڪومت سوين سال گذرڻ جي باوجود اڄ به جاري آهي ۽ جاري رهندي. جيڪڏهن ڪنهن تي عهدي جي ڌُن سوار آهي ۽ مقصد صرف

دنيا ڇاهڻ يا دولت ڪمائڻ آهي تہ يقيناً اها ان جي بري صفت آهي، ڪيس گهرجي تہ پنهنجي ان بلند پروازيءَ جي چاهت کي ختم ڪري تہ جيئن ڪيس دلي سڪون حاصل ٿئي. ها، جيڪڏهن واقعي ڪو دينِ اسلام جي خدمت لاءِ عهدو يا منصب ماڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ اهو تعريف جي لائق آهي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄوڪي هن فتني واري دور ۾ شهوت جهڙي بري خصلت کي قابو ۾ رکڻ بہ تمام ضروري آهي، نہ تہ اها وڏن وڏن کي برباد ڪري ڇڏيندي آهي ۽ بادشاهن کي غلام بڻائي ڇڏيندي آهي. تاريخ ۾ اهڙا ڪيئي واقعا ملن ٿا تہ جيڪي ماڻهو وڏا بزرگ ۽ وليءَ مڃيا ويندا هئا، انهن سان شهوت اهڙو حشر ڪيو جو سندن ولايتون کسيون ويون ۽ اهي ڪٿان ڪان ڪٿي پهچي ويا. اچو! هڪ اهڙي شخص جو عبرتناڪ داستان ملاحظ ڪريو جيڪو شهوت سبب پنهنجي دنيا ۽ آخرت برباد ڪري ويٺو، جيئن تہ

## بدنصيب عابد

بني اسرائيل ۾ هڪ عابد هو جنهن جون دعائون رد نہ ٿينديون هيون، ماڻهو پنهنجا مريض وٽس آڻيندا هئا هو دعا ڪندو هو تہ اهي صحتياب ٿي ويندا هئا. هڪ ڀيرو علاج لاءِ بادشاهہ جي نياڻي کي اُن وٽ ڇڏيو ويو، هو ان جو علاج ڪندو رهيو ايتري تائين جو شيطان ان جي دل ۾ برائي وڌي ۽ **"نہ ٿيڻ واري ڳالهہ ٿي وئي"**. هن خوف جي ڪري ڇوڪريءَ کي قتل ڪري دفن ڪري ڇڏيو. شيطان انساني شڪل ۾ بادشاهہ وٽ ويو ۽ کيس ان واقعي کان آگاهہ ڪري قبر بابت

ٻہ ٻڌايو، جيئن تہ بادشاهہ جڏهن زمين کوٽائي تہ لاش برآمد ٿيو. هاڻي جڏهن سزا طور ان عابد کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو وڃڻ لڳو تہ شيطان وٽس آيو ۽ چوڻ لڳو: مان توکي ان کان نجات ڏياري سگهان ٿو پر شرط اهو آهي تہ تون مونکي سجدو ڪر، عابد شيطان کي سجدو ڪيو تہ شيطان ڪِلي ڏنو ۽ چيائين: منهنجو توسان ڪو تعلق ناهي". پوءِ ان بدنصيب عابد کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو. (تنبيہ الغافلين، ص326ملخصاً)

غور ڪريو! شهوت تي ڪنٽرول نہ ڪرڻ جي ڪري بدنصيب عابد پنهنجي دنيا ۽ آخرت برباد ڪري وينو. بدقسمتيءَ سان اڄڪلهہ حالات ايترا خراب ٿي ويا آهن جو جيڪڏهن ڪو هن دور ۾ گناهہ کان بچيل آهي تہ شايد ان ڪري جو ڪيس گناهہ ڪرڻ جو موقعو ناهي مليو يا هو ان ڳالهہ کان ڊڄي ٿو تہ ڪٿي بي عزتي نہ ٿي وڃي، نہ تہ جيڪڏهن بلڪل کليل ڇوٽ ملي وڃي تہ شايد ئي ڪو گناهہ کان رڪجي سگهي. جنهن طرح اڄڪلهہ گهٽين ۾ کلي عام ناچ گاني جا پروگرام ٿي رهيا آهن، ائين لڳي ٿو جڻ گناهن جي کليل ڇوٽ ملي چڪي آهي. ڪارن ۾ سفر ڪرڻ وارا گانا ٻڌي مستيءَ ۾ جهومي رهيا هوندا آهن ۽ اسڪوٽر ۽ سائيڪل هلائڻ وارا گانن جو آواز ٻڌي پنهنجا مٿا لوڏڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. اهڙو نازڪ دور اچي ويو آهي جو ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏجي نچندا آهن ۽ ناچ گاني جا اهڙا پروگرام منعقد ڪيا ويندا آهن جو انهن ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيندو آهي ان کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ مناسب ناهي. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## دنيا جي محبت تي فدا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دور وڏو نازڪ آهي، خدارا پنهنجو پاڻ کي سنڀاليو! جيڪي ماڻهو اجتماعن ۾ شرڪت ڪري سنتن ڀرين بيانن کي ٻڌندا آهن گهٽ ۾ گهٽ انهن کي سمجهي وڃڻ گهرجي ۽ شڪر ادا ڪرڻ گهرجي تہ ڪين سمجهائڻ وارا موجود آهن جيڪي پڪاري پڪاري سمجهائيندا، قرآن ۽ حديث ٻڌائيندا ۽ هي ٻڌائيندا آهن تہ جنهن طرف ماڻهو وڃي رهيا آهن اهو اسان جو رستو ناهي. ياد رکو! اسان جو رستو مديني جو رستو آهي ۽ اسان کي صرف انهن ڳالهين کي مڃڻو آهي جن جو اسان کي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حڪم ڏنو آهي. بدقسمتيءَ سان مسلمانن جي وڏي اڪثريت گناهن ۾ مبتلا ٿي چڪي آهي ۽ ائين لڳي ٿو جڻ هو گناهن کي دل و جان سان چاهين ٿا. ڪهڙو گهر اهڙو آهي جتي اسلام جا پيارا اصول اپنايا ويا آهن؟ ڪهڙو گهر آهي جنهن جو ٻار ٻار نمازي ۽ سنتن جو پابند آهي؟ ڪهڙو گهر آهي جنهن ۾ رهندڙ تمام عورتون پردي واريون آهن؟ ڪهڙو گهر آهي جنهن مان موسيقيءَ جا آواز بلند نٿا ٿين؟ معلوم ٿيو تہ مسلمانن جي غالب اڪثريت گناهن کي سيني سان لائي چڪي آهي ۽ دنيا جي محبت تي فدا آهي. شايد ماڻهو هي سمجهن ٿا تہ هو هن دنيا ۾ هميشہ رهندا، حالانڪ ائين ناهي. هن دنيا ۾ نہ ڪو هميشہ رهيو آهي ۽ نہ رهندو. ڪڏهن ڪڏهن موت اهڙي عجيب انداز سان ايندو آهي جو ڏسندڙ حيران رهجي ويندو آهي جيئن تہ

## عبرتناڪ موت

هڪ شخص پل جي فٽ پاٿ تي پوريءَ حفاظت سان هلي رهيو هو تہ ايتري ۾ سندس ويجهو ڪان هڪ ٽرالر لنگهو، جنهن جو ٽائر هڪ زوردار جهٽڪي سان نڪري ويو ۽ وڃي ان شخص کي لڳو، جنهن جي ڪري اهو ويچارو اڇلجي پل تان هيٺ وڃي ڪريو. ڳالهہ اتي ئي ختم نہ ٿي، ٽائر ڪيس لڳڻ کان پوءِ ٻيهر اڇليو ۽ پل جي هيٺان، جتي هو ڪريو پيو هو، ڪيس وڃي ٻيهر لڳو. ۽ اهڙي طرح ويچاري جون هڏيون چڪنا چور ٿي ويون ۽ هن اتي ئي دم ٽوڙي ڇڏيو. اهڙي طرح ڪڏهن ڪڏهن چڱو ڀلو صحت مند ماڻهو اوچتو موت جو شڪار ٿي ويندو آهي جيئن تہ

## ريفري جو اوچتو موت

تمام پراڻي ڳالهہ آهي تہ هڪ اخبار ۾ هيءَ خبر شايع ٿي تہ ڪٿي فٽبال جو ميچ ٿي رهيو هو ۽ هڪ صاحب ريفري بڻجي ان ميچ جي نگراني ڪري رهيو هو. ميچ دوران ريفري صاحب کي اوچتو دل جو دورو پيو، هو هيٺ ڪِريو ۽ ان مهل ئي سندس هارٽ فيل ٿي وئي. غور ڪريو! ريفري تندرست ۽ حاضر دماغ هوندو آهي چو تہ ڪيس ئي فيصلو ڪرڻو هوندو آهي پر ويچاري جو لاش راند جي ميدان مان کڻي وڃڻو پيو.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن مختصر زندگيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن جي چڪرن ۾ پوڻ بجاءِ اهڙا ڪم ڪريو جيڪي آخرت ۾ ڪم اچن. اسان کي دنيا ۾ جيتري قدر رهڻو آهي ان لاءِ اوتري ڪوشش ڪرڻ

گھرجي ۽ جيترو وقت قبر ۽ حشر ۾ گذارڻو آهي، دنيا ۾ ان جي اوتري تياري ڪرڻ گھرجي. ڇو تہ قيامت جو ڏينهن 50 هزار سالن جي برابر هوندو ان ڪري دنيا ۾ ان جي خوب تياري ڪرڻي پوندي. ڏسو! جيڪڏهن اسان کي حيدرآباد وڃڻو هجي تہ اسان ڪا خاص تياري ناهيون ڪندا پر جيڪي ڪپڙا پاتل هوندا آهن انهن ۾ ئي هليا ويندا آهيون پر جڏهن پنجاب وغيره ڪنهن پري واري هنڌ وڃڻو هجي تہ بہ ٻي ڪپڙن جا وڳا ۽ ڪجهہ ضروري شيون بہ گڏ کڻندا آهيون ڇو تہ سفر جي اعتبار کان تياري ڪئي ويندي آهي. تنهنڪري جيترو عرصو اسان کي قبر ۾ رهڻو آهي اوتري قبر جي تياري ڪرڻ گھرجي ۽ جيترو وڏو قيامت جو ڏينهن آهي ان جي بہ اوتري تياري ڪرڻ گھرجي. جيڪي ماڻهو دنيا ۾ رهي آخرت جي تياري ناهن ڪندا ۽ دنيا جي غفلتن ۽ ان جي محبت ۾ گم ٿي ويندا آهن انهن جو انجام تمام خراب ٿيندو آهي جيئن تہ

## چارآفتون

الله پاڪ جا پيارا حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا: جنهن ان حالت ۾ صبح ڪئي جو ان جو سڀ کان وڏو مقصد دنيا هجي تہ ان کي چار اهڙين آفتن ۾ مبتلا ڪيو ويندو آهي جن مان هو ڪڏهن بہ فارغ ناهي ٿيندو: (1) اهڙو غم جيڪو ڪڏهن ختم نہ ٿئي (2) اهڙي مصروفيت جنهن مان واندڪائي نہ ٿئي (3) اهڙو فقر (محتاجي) جنهن کان پوءِ خوشحالي نہ هجي ۽ (4) اهڙي اميد جيڪا ڪڏهن پوري نہ ٿئي. (فردوس الاخبار، 296/2،حديث:6227)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄڪلھ نمازِ فجر لاءِ اٿي ڪير ٿو؟ مسلمانن جي اڪثريت نماز پڙهي ڪٿي ٿي؟ صرف چار يا پنج سيڪڙو مسلمان نماز پڙهندا هوندا، جيڪڏهن اڪثريت پڙهي ها تہ مسجدون گهٽ پئجي وڃن ها. اسان جڏهن صبح جو اٿندا آهيون تہ اسان جي سوچ هوندي آهي تہ انين يا نائين وڳي دڪان کولڻو آهي. شايد ئي ڪو غارن يا جبلن ۾ هجي جيڪو دنيا سان محبت نہ ڪندو هجي نہ تہ اڄڪلھ ماڻهن جي وڏي تعداد دنيا جي محبت ۾ ڦاٿل آهي. ياد رکو! دنيا جي محبت مان هيءَ مراد ناهي تہ ماڻهو حلال روزي ڪمائڻ ڇڏي ڏي ۽ پِندو وتي، پر ان مان مراد هيءَ آهي تہ هر وقت دنيا ڪمائڻ ۽ مال و دولت وڌائڻ بابت سوچيندو رهي ۽ ”دنيا دنيا“ ڪندو رهي. اهڙي طرح ماءُ پيءُ ۽ ٻارن جي خدمت لاءِ شريعت جي دائري ۾ رهندي ضرورت آهر حلال روزي ڪمائڻ بہ دنيا جي محبت ۾ داخل ناهي.

بدقسمتيءَ سان اسان تي دنيا جي محبت ايتري غالب ٿي چڪي آهي جو اسان دعا بہ دنيا جي بهتريءَ لاءِ ڪرائيندا آهيون، جيئن ڪيئي ماڻهو روزيءَ ۾ برڪت لاءِ دعا جو چوندا آهن پر نيڪين ۾ برڪت بابت دعا جو ڪوبہ ناهي چوندو! ائين ئي پڙهائيءَ ۾ دل لڳڻ لاءِ تہ گهڻا ماڻهو دعا جو چوندا آهن پر نماز ۾ دل لڳي وڃي ان بابت ڪو ڪو چوندو آهي! اهو ان ڪري آهي جو اسان تي دنيا جي محبت غالب آهي. ڪيترائي ويچارا هي چوندي ٻڌڻ ۾ ايندا آهن تہ ”اسان جي فجر ۾ اک ڪلندي آهي پر اسان سستي جي ڪري وري سمهي پوندا آهيون، اهڙن کي سوچڻ گهرجي تہ جيڪڏهن پڪنڪ تي وڃڻو هجي تہ خوشي

جي ڪري ڪين سڄي رات ننڊ ناهي ايندي، ائين ئي جيڪڏهن ڊيوٽي تي وڃڻو هجي تڏهن بہ صبح جو سوير اک کلي ويندي آهي ۽ ڪنهن بہ قسم جي سستي ناهي ٿيندي، جيئن ڪجهہ ڪمپنين جي ملازمن جو ڊيوٽي ٽائم صبح جو چار يا پنج وڳي شروع ٿيندو آهي تہ سڀ ملازم صبح سوير اٿي ويندا آهن، ائين ئي جيڪڏهن پرڏيهہ وڃڻ لاءِ ڪنهن جي فلائيٽ صبح جو چار يا پنج وڳي هجي تہ هو پوري وقت تي ايئرپورٽ پهچي ويندو آهي ڇو تہ هن پئسا خرچ ڪيا هوندا آهن، جڏهن تہ نماز لاءِ پئسا خرچ ناهن ڪيا ان ڪري اک ناهي کُلي سگهندي.

## پهرين آفت

بهرحال جنهن ان حالت ۾ صبح ڪئي جو ان جو سڀ کان وڏو مقصد دنيا هجي تہ اهڙي شخص کي چار آفتن ۾ مبتلا ڪيو ويندو آهي جن مان پهرين آفت هيءَ آهي تہ ”ان کي اهڙي غم ۾ مبتلا ڪيو ويندو آهي جنهن جو ڪو علاج ناهي هوندو“. ٿورو غور ڪريو! اڄ ڪير خوش آهي؟ ڪنهن جو پيءُ بيمار آهي تہ ڪنهن جي ماءُ، ڪنهن جو ٻار بيمار آهي تہ ڪو بيروزگار، ڪو تنگدست آهي تہ ڪو قرضدار، ڪنهن سان ڪو مسئلو آهي تہ ڪنهن سان ڪو، مطلب تہ! ماڻهن جي وڏو انگُ ڪنهن نہ ڪنهن غم ۾ گرفتار آهي.

## ٻي آفت

جيڪو شخص ان حالت ۾ صبح ڪندو آهي جو ان جو سڀ کان وڏو مقصد دنيا هجي تہ ان تي ٻي آفت هيءَ وِڌي ويندي آهي تہ ”هو اهڙي

مصروفيت ۾ ڦاسي پوندو آهي جنهن مان واندڪائي نہ هجي.“ ان ڪري عام طور تي ويچارا سرمايہ دار وڌيڪ مصروف نظر ايندا آهن. عموماً ڏٺو اهو ئي ويو آهي تہ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀرين اجتماعن ۾ غريب وڌيڪ ايندا آهن جڏهن تہ اميرن کي وقت ناهي ملندو ڇو تہ ڪين دڪان کليل رکڻو هوندو آهي، جيڪڏهن دڪان بند هجي تہ ڏي وٺ جو حساب ڪرڻو هوندو آهي ۽ فون تي پارٽين سان رابطو قائم رکڻو هوندو آهي. جيڪڏهن مالدار بڻجڻو آهي تہ مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمان غني رضي الله عنہ جهڙو بڻجو تہ هو مالدار هجڻ باوجود پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر رهندا هئا، دين جو ڪم ڪندا هئا ۽ قحط جي ڏينهن ۾ پنهنجي مال سان مسلمانن جي خوب مدد فرمائيندا هئا، جيئن تہ

## حضرت عثمان غني جو شانِ سخاوت

مسلمانن جي پهرين خليفي، حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي خلافت جي دور ۾ قحط پيو جنهن جي ڪري ماڻهو تمام پريشان ٿيا، حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: اڄ شام تائين الله پاڪ توهان جي پريشاني دور ڪري ڇڏيندو، جيئن تہ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جا هڪ هزار اٺ اناج سان لڏيل آيا. مديني پاڪ جا واپاري اناج خريد ڪرڻ لاءِ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ وٽ پهتا تہ پاڻ انهن کي فرمايو: هي ٻڌايو تہ ملڪِ شام مان جيڪو اناج مون وٽ آيو آهي توهان ان تي ڪيترو نفعو ڏيندا؟ واپارين چيو: ڏهن رپين جي اناج تي ٻہ رپيا، حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمايو: مون کي ان کان وڌيڪ ملي ٿو.

واپارين چيو: جيڪو مال اوهان ڏهن رپين ۾ خريد ڪيو آهي اسان ان تي پندرهن رپيا ڏينداسين. حضرت عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: مونکي ان کان به وڌيڪ ملي رهيو آهي. تاجرن حيرت مان چيو: اهو وڌيڪ ڏيڻ وارو ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون: مون کي هڪ روپئي جي مال جي ڏهه روپيا قيمت ملي رهي آهي، ڇا توهان ان کان وڌيڪ ڏئي سگهو ٿا؟ واپارين انڪار ڪري ڇڏيو، حضرت عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: مان توهان ماڻهن کي گواهه بڻايان ٿو ته مون هي اناج الله پاڪ جي واٽ ۾ مديني جي فقيرن کي ڏئي ڇڏيو. (الرياض النضرة، 2/43-44 ملخصاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جهڙو مالدار شايد ئي ڪٿي هجي نه ته اڄڪلهه هيءَ سوچ هوندي آهي ته تمام گهڻو اناج (گودامن ۾) لڪائي رکيو وڃي ۽ قحط پوڻ تي مهانگو ڪري وڪرو ڪيو وڃي، ڀلي قوم سياٽي بک مري، اڄ ئي مري وڃي پر پنهنجي تِجوري ڪنهن به صورت ۾ خالي نه ٿيڻ گهرجي. بهرحال دنيا سان محبت ڪرڻ واري تي اهڙي مصروفيت وڌي ويندي آهي جو ان کي واندڪائي ئي ناهي ملندي ۽ ويچارو ان حال ۾ مرندو آهي جو

سیٹھ جی کو فکر تھی اِک اِک کے دس دس کیجئے
موت آ پہنچی کہ مِسٹر جان واپس کیجئے

## ٽئين آفت

جيڪو شخص ان حال ۾ صبح ڪندو آهي ته ان جو سڀ کان وڏو مقصد دنيا هوندو آهي ته ان تي ٽئين آفت هيءَ وڌي ويندي آهي ته

”هو اهڙي مفلسيءَ ۾ ڦاسي پوندو آهي جو ڪڏهن مالدار ناهي ٿيندو.“ شايد توهان سوچيو تہ معاشري ۾ اهڙا ڪيترائي ماڻهو آهن جن کي صبح و شام مال ڪمائڻ جو فڪر هوندو آهي پر ان جي باوجود اهي مفلس ناهن پر مالدار هوندا آهن تہ ياد رکو! اصل مالداري هيءَ ناهي تہ ڪنهن وٽ مال و دولت جي گهڻائي هجي پر اصل مالداري هيءَ آهي تہ ٻانهو دلي طور مالدار هجي. اهڙي طرح بزرگي هيءَ ناهي تہ ٻانهو عمر جي لحاظ کان وڏو هجي جيئن اسان وٽ وڏن پوڙهن کي خوشامد طور ”بزرگ“ چيو ويندو آهي جيتوڻيڪ ڪيترن ئي ويچارن پوڙهن کي نہ تہ درست طريقي سان وضو ڪرڻ ايندو آهي ۽ نہ ئي نماز پڙهڻ ايندي آهي. ان سلسلي ۾ حضرت شيخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ وڏي پياري ڳالهہ ارشاد فرمائي آهي:

بُزرگی بہ عقل اَست نہ بہ سال    تَوَنگری بہ دل اَست نہ بہ مال

يعني بزرگي عقل سان آهي نہ ڪي عمر جي لحاظ کان، مالداري دل سان آهي نہ ڪي مال و دولت سان. (گلستان سعدی، ص20ملخصاً)

## مالدار هجڻ باوجود غريب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪو شخص دلي طور مالدار ناهي اهو ظاهري طور ڪيترو بہ مالدار هجي مفلس ئي هوندو آهي، اهڙي شخص کي مال جي هَوَس وڌيڪ هوندي آهي، هو پنهنجو مال وڌائڻ لاءِ پرائز بانڊن جون دَستيون جمع ڪري رکندو آهي، ان جو پنهنجي ملڪ ۾ ڪاروبار ڪرڻ سان پيٽ ناهي ڀرجندو تہ ٻين ملڪن جو رخ ڪندو آهي ۽ ائين سجي دنيا ۾ ڪاروبار پکيڙي ڇڏيندو آهي پر

افسوس! دنياوي مصروفيت جي ڪري هو دين لاءِ وقت ناهي ڪڍي سگهندو. ياد رکو! جنهن ۾ دنياوي مال و دولت جي هَوس نه هجي ۽ هو رات جو ماني ڪائي اطمينان سان سمهي پوندو هجي اهو ئي سڀ کان وڏو مالدار آهي. اهو ويچارو ڪهڙو مالدار آهي جنهن کي نه ڏينهن جو آرام ملندو هجي نه رات جو، جيڪڏهن رات جو ٿڪجي سمهندو آهي ته اوچتو فون جي گهنٽي وڄڻ سان اٿي پوندو آهي. ڪجهه ماڻهو ظاهري طور مالدار ناهن هوندا پر دل جا غني هوندا آهن ته جڏهن هو پنهنجي طاقت آهر خدا جي راهه ۾ پنهنجو ٿورو مال خرچ ڪندا آهن ته الله پاڪ جي رحمت سان انهن جو ٿورو خرچ ڪيل مال گهڻي مال کان اڳتي نڪري ويندو آهي، جيئن ته

## هڪ درهم هڪ لک درهم ڪان وڌي ويو

الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: هڪ درهم هڪ لک درهم ڪان وڌي ويو. صحابهءِ ڪرام رضي الله عنهم کي وڏي حيرت ٿي ته ڪيئن هڪ درهم هڪ لک درهم ڪان وڌي ويو؟ ته پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: هڪ شخص وٽ گهڻو مال هو ان پنهنجي مال مان هڪ لک درهم خيرات ڪيا ۽ ٻئي وٽ صرف ٻه درهم هئا ان انهن مان هڪ الله جي راهه ۾ ڏئي ڇڏيو.

(نسائی، ص415، حديث:2525)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ درهم هڪ لک درهم ڪان ان ڪري وڌي ويو جو اهو هڪ درهم ان شخص جو اڌ مال هو جڻ ان پنهنجو اڌ مال خدا جي راهه ۾ صدقو ڪري ڇڏيو جڏهن ته ان جي ابتڙ جنهن

شخص هڪ لک درهم صدقو ڪيو اهو ان جي وڏي مال و دولت مان اڌ نہ صرف هڪ حصو هو، جڏهن ان پنهنجي اڌ مال کان بہ گهٽ صدقو ڪيو، ائين هڪ درهم هڪ لک درهم کان وڌي ويو.

مسلمانن جي ٻئين خليفي، حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو مشهور واقعو بہ آهي تہ پاڻ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ پنهنجو اڌ مال حاضر ڪيو جڏهن تہ خليفہ اول حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پنهنجو پورو مال پيش ڪيو. سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اي عمر! ڪيترو مال هتي آندو اٿئي ۽ ڪيترو گهر وارن لاءِ ڇڏيو اٿئي؟ عرض ڪيائون: حضور! اڌ آندو اٿم ۽ اڌ گهر وارن لاءِ رکي آيو آهيان. پوءِ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان اهو ئي سوال ڪيو تہ انهن عرض ڪيو: مان سڄو مال ئي کڻي آيو آهيان ۽ گهر وارن کي الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذمي ڪرم تي ڇڏي آيو آهيان. ( ترمذی، 380/5، حديث:3695)

## ڪنهن ڇا خوب چيو آهي

پَروانے کو چراغ تو بلبل کو پھول بَس
صدیق کے لیے ہے خدا اور رَسول بَس

حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو اڌ مال حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي پوري مال کان وڌيڪ هو پر پورو مال نہ هو جڏهن تہ حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جيڪو مال پيش ڪيو اهو حضرت فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي اڌ مال جي مقابلي ۾ هو تہ گهٽ پر چو تہ گهر جو پورو مال هو ان ڪري حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ حضرت فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان اڳتي نڪري ويا.

## ڪڏهن مالدار نہ ٿيڻ وارو شخص

جيڪو شخص مال جي محبت ۾ گرفتار هجي اهو ويچارو ڪڏهن مالدار ناهي ٿيندو ۽ هر وقت مال جي چڪر ۾ ڦاٿل رهندو آهي. جهڙي طرح گهاڻي جي ڍڳي جي ڪا منزل ناهي هوندي، ويچارو هر وقت هڪ ئي دائري ۾ چڪر لڳائيندو رهندو آهي، ائين ئي دنيا جي محبت ۾ گرفتار شخص جي بہ ڪا منزل ناهي هوندي! اهو ويچارو بہ بس مال وڌائڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهندو آهي ايستائين جو ان جو موت واقع ٿي ويندو آهي. قرآن پاڪ ۾ ان طرف توجهہ ڏياري وئي آهي، جيئن تہ سيپارو 30 سورة التڪاثر جي آيت 1 ۽ 2 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اَلۡهٰىكُمُ التَّكَاثُرُۙ﴿۱﴾ حَتّٰى زُرۡتُمُ الۡمَقَابِرَؕ﴿۲﴾

ترجموڪنزُالعرفان: وڌيڪ مال جمع ڪرڻ جي طلب توهان کي غافل ڪري ڇڏيو ايستائين جو توهان قبرن جو منهن ڏٺو.

## چوٿين آفت

جيڪو شخص ان حال ۾ صبح ڪندو آهي جو ان جو سڀ کان وڏو مقصد دنيا هجي تہ ان تي چوٿين آفت هيءَ وڌي ويندي آهي تہ ”هو اهڙي اميد ۾ ڦاسي پوندو آهي جيڪا ڪڏهن پوري ناهي ٿيندي.“

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيترن ئي ماڻهن هي جملو گهڻائي ڀيرا ٻڌو هوندو تہ ”اميد تي دنيا قائم آهي“ جڏهن ڪنهن کي آخرت جي تياري بابت سمجهايو وڃي ۽ موت ياد ڏياريو وڃي تہ جواب ملندو آهي ”اميد تي دنيا قائم آهي“، بس پوءِ هي سوچي ٻانهو دنيا ڪمائڻ

۾ ائين مصروف ٿيندو آهي جو ان جون اميدون ئي ختم ناهن ٿينديون، هڪ پروجيڪٽ اجا اڌورو هوندو آهي تہ انهيءَ دوران ٻيو شروع ٿي ويندو آهي، هڪ دڪان سنڀاليو ناهي ويندو تہ ايتري ۾ ٻيو کولي ان تي ملازم رکيو ويندو آهي ۽ پوءِ اڄوڪي هن پرفتن دور ۾ ڪير ڪنهن کي ڪمائي ڏئي ٿو؟ آخرڪار هڪ ڏينهن اخبار ۾ خبر ڇپجندي آهي تہ فلاڻي دڪان جو ملازم مال کڻي ڀڄي ويو. بهرحال اجا زندگي جون اميدون پوريون ناهن ٿينديون تہ موت اچي قصو تمام ڪري ڇڏيندو آهي. اي ڪاش! دنيا جي اجائي محبت اسان جي دلين مان نڪري وڃي ۽ الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سچي محبت اسان جي دلين ۾ راسخ (يعني پختي) ٿي وڃي. اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اي دنيا جي محبت ۾ گرفتار رهڻ وارؤ! اي دنيا خاطر ضمير وڪڻي ڇڏڻ وارؤ! اي دنيا کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهڻ وارؤ! اي هر وقت بينڪ بيلنس وڌائڻ جي فڪر ۾ بدمست رهڻ وارؤ! توهان لاءِ لمحهءِ فڪريہ آهي تہ قرآن پاڪ جي سورة الهمزة ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَیْلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِۙ ﴿۱﴾ الَّذِیْ جَمَعَ مَالًا وَّ عَدَّدَهٗۙ ﴿۲﴾ یَحْسَبُ اَنَّ مَالَهٗۤ اَخْلَدَهٗۚ ﴿۳﴾ كَلَّا لَیُنْۢبَذَنَّ فِی الْحُطَمَةِ٘ۖ ﴿۴﴾ وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا الْحُطَمَةُؕ ﴿۵﴾ نَارُ اللّٰهِ الْمُوْقَدَةُۙ ﴿۶﴾ الَّتِیْ تَطَّلِعُ عَلَى الْاَفْـٕدَةِؕ ﴿۷﴾ اِنَّهَا عَلَیْهِمْ مُّؤْصَدَةٌۙ ﴿۸﴾ فِیْ عَمَدٍ مُّمَدَّدَةٍ۠ ﴿۹﴾

**ترجمو ڪنزُ العرفان:** ان جي لاءِ خرابي آهي جيڪو ماڻهن جي منهن تي عيب ڪڍي پَرپٺ گلا ڪري جنهن مال گڏ ڪيو ۽ ان کي ڳڻي ڳڻي رکيو اهو سمجهي ٿو تہ ان جو مال ان کي (دنيا ۾) هميشہ رکندو

هرگز نہ اهو ضرور ضرور ذرو ذرو ڪرڻ واري ۾ اچليو ويندو ۽ توکي ڪهڙي خبر جو اها ذرو ذرو ڪرڻ واري ڇا آهي؟ اها الله جي ڀڙڪايل باھ آهي اها جيڪا دلين تي چڙهي ويندي بيشڪ اها انهن تي بند ڪئي ويندي ڊگهن ٿنڀن سان. (پ 30، الهمزة: 1 کان 9)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن پاڪ جي انهن آيتن مان عبرت جو سبق حاصل ڪريو! الله پاڪ "چغل خورن، غيبت ڪرڻ وارن ۽ ڳٽي ڳٽي نوٽ رکڻ وارن" کي تنبيهه فرمائي رهيو آهي. گهڻا ماڻهو پنهنجي زندگي اهڙي طرح گذاريندا آهن جڻ انهن کي مرڻو ئي ناهي، جوان ته ۽ 80، 90 سالن جو پوڙهو به پنهنجي آخرت کي وساري ٿي وي جي سامهون ويهي فلمون ڊراما ڏسي رهيو هوندو آهي، ڏاڙهي ڪترائي رهيو هوندو آهي، گار گند ڪري رهيو هوندو آهي، جيڪو مرضي ۾ ايندو آهي ڪندو ويندو آهي ۽ هر وقت ان تي بس هڪ ئي ڌن سوار هوندي آهي ته ڪٿان ڪان مال هٿ اچي وڃي. ياد رکو! قرآن پاڪ اسان کي خبردار ڪري رهيو آهي ته اجا سنڀلجي وڃون نه ته پوءِ سواءِ افسوس جي ڪجهه هٿ نه ايندو. اي ڪاش! اسان پنهنجي زندگي اسلام جي روشن اصولن تي گذاريون ۽ سنتن عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92   0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net